THE VOICE OF SINDHI DIASPORA OF NORTH AMERICA
Sangat سنگت SANA

"Sangat Newsletter"
January - March 2026

# "SANGAT"

## Editors Desk

*MEDIA COMMITTEE*
**DR. NASIR JAMAL PATHAN**
*(Chair) & Editor Sangat*

**FAISAL SHAHZAD MEMON**
*VICE CHAIR*
**IRFAN ALI LARIK**
*VICE CHAIR*

Noshad Ali Shaikh
Roohi Kalhoro
Aish Riyaz Memon
Zia Qureshi
Dr. Hamid Nawaz Ali
Khalil Chandio


Designed & illustred by:
Asif Raza Nizamani

THE VOICE OF SINDHI DIASPORA OF NORTH AMERICA
Sangat سنگت SANA

شمارو: 1 | جنوري ـ مارچ 2026ع | جلد: 42

# A Year of Voice, Visibility, and Responsibility

## From Editor's Desk
## Dr. Nasir Jamal Pathan



The year 2025 marks a defining chapter in the evolving journey of the Sindhi Association of North America (SANA), particularly in the realm of media, communication, and narrative building. With the establishment of the SANA Media Committee in February 2025, a new era of organized, purposeful, and impactful engagement began—one that ensured SANA's voice was not only heard but recognized across borders.

In a time when information shapes perception and perception influences action, the Media Committee embraced its responsibility with clarity and commitment. From projecting SANA's official stance on critical issues to amplifying the concerns of Sindh on global platforms, the Committee transformed communication into advocacy. Whether it was the issue of the controversial six canals on the Indus River, the grief surrounding the tragic loss of literary figures like Akash Ansari and Dr. Zulfikar Syal, or the continued struggle against corporate farming and the exploitation of Sindh's natural resources—SANA remained visible, vocal, and vigilant.

The achievements of the Media Committee in its very first year are both remarkable and historic. SANA activities received wide coverage across regional and national newspapers, digital platforms, and television media in both Sindh and North America. Hundreds of press clips were published and circulated through SANA networks, while regular press releases were issued consistently in Sindhi, Urdu, and English, ensuring outreach across diverse audiences.

The Committee successfully organized and covered major events, including the press conference of Asad Ali Shaikh at Hyderabad Press Club on the canal issue, the Women Empowerment Conference (March 2025), and multiple online seminars addressing the controversial canals project. It ensured extensive media coverage of the Babrloo sit-in, highlighting the struggle of advocates, as well as SANA's active participation on the ground. Additionally, protests organized by SANA chapters across North America were effectively documented and shared globally.

A landmark achievement was the uninterrupted publication of all four editions of Sangat in 2025—an unprecedented accomplishment in SANA's history. The publication of the 41st Annual Convention Magazine (Houston, USA) further strengthened SANA's literary and cultural documentation. The first issue of Sangat in 2025, dedicated entirely to the Indus River canals issue, set a bold editorial direction aligned with the pressing concerns of Sindh.

Digital growth has also been significant. SANA's Facebook following increased from 39,000 to over 44,000, reflecting enhanced engagement and outreach. The SANA website and mobile application were updated under the leadership of Habib Memon, strengthening digital accessibility and communication. The Media Committee also provided full Zoom technical support for webinars, seminars, and global discussions, ensuring seamless virtual connectivity.

This progress was made possible through strong institutional coordination and leadership. The Media Committee worked in close collaboration with Dr. Maqbool Halepoto (President), Asad Ali Shaikh (General Secretary), Habib Memon (Information Secretary), Adi Shahida Shaikh (Vice President, Women Affairs), and Akash K. Ramani (Treasurer). Special acknowledgment is due to Asif Raza Nizamani from Sindh for his prompt and consistent media coordination.


Equally important is the contribution of dedicated Media Committee members, whose efforts brought life to this vision. Habib Memon led the team with commitment and strategic direction, while Noshad Ali Shaikh ensured dedicated live coverage of the 41st SANA Convention in Houston. Valuable contributions were also made by Ash Riaz Memon, Zia Qureshi, and all members of the Media Committee whose teamwork ensured timely, accurate, and impactful communication.

What stands out most in this journey is not just the scale of achievements, but the spirit behind them. The seamless coordination with SANA committees—Advocacy & Rights, Women Affairs, Adbi Sangat, Executive Council, and chapters across North America—reflects a unified organizational strength. Each event was not merely covered; it was transformed into a documented narrative of identity, resistance, and cultural continuity.

As we reflect on 2025, it becomes clear that this was not merely a year of activity—it was a year of direction. The Media Committee has successfully laid the foundation of a strong, responsive, and globally connected media structure. It has amplified SANA's advocacy, strengthened institutional communication, and elevated the organization's global presence.

Sangat remains more than a publication—it is a voice of truth, culture, and collective conscience. With renewed commitment, we look forward to expanding this voice further in the years to come.

# Pre-Convention Message – LOC Chair



Dear SANA Family,
On behalf of the Local Organizing Committee (LOC), it is my great honor and privilege to warmly welcome you to the 42nd Annual SANA Convention, taking place from July 2-5, 2026, in the beautiful and diverse city of Toronto, Ontario, Canada.

Toronto, known for its multicultural spirit and vibrant energy, provides the perfect backdrop for our global Sindhi community to come together in celebration of our shared heritage, values, and future aspirations. This year's convention promises to be an inspiring and memorable gathering, bringing together Sindhis from across continents to connect, collaborate, and celebrate.

Our dedicated LOC team, along with the unwavering support of the SANA Executive Council, has been working diligently to curate a program that reflects the richness of Sindhi culture and the dynamism of our community. From thought-provoking discussions and engaging panel sessions—including education-focused themes—to cultural showcases, women-dedicated sessions, youth initiatives, networking opportunities, and entertainment-filled evenings, we aim to offer something meaningful for everyone.We are especially excited to highlight sessions that will explore contemporary issues, strengthen community bonds, and inspire the next generation to stay connected with their roots. Alongside intellectual engagement, you can look forward to warm hospitality, delicious cuisine, and the unique cultural experiences that define our Sindhi identity.

To make your experience even more comfortable and enjoyable, we are pleased to offer special hotel benefits, including discounted room rates, complimentary breakfast, and free parking for our attendees. I encourage you all to take advantage of early registration and secure your participation in what promises to be an unforgettable convention. Let us come together once again in the spirit of unity, pride, and celebration.Toronto awaits you with open arms.

Warm regards,

**Dr. Abdul Rauf Shaikh**
Chair, Local Organizing Committee
42nd SANA Convention – Toronto, Canada

## Local Organizing Committee Toronto convention 2026

1. **Dr Rauf Shaikh - Chairman**
2. **Rahul Bhimani- Vice Chairman**
3. **Habib Memon**
4. **Syed Naqeeb Mossavi**
5. **Shahida Shaikh**
6. **Aleem Soomro**
7. **Hafeez Shaikh**
8. **Atif Abbasi**
9. **Khalid Memon**
10. **Dr Salamat Rai**
11. **Imtyaz Alam Shaikh**
12. **Aijaz Qureshi**

# SANA Delegation Visits Mubarak Jarwar to Offer Condolences:





Under the leadership of SANA President Dr. Maqbool Halepoto, a delegation from the Sindhi Association of North America visited the village of Mubarak Jarwar near Tando Allahyar. The visit was to offer heartfelt condolences to the family of young Shehzad Jarwar, who recently passed away in the United States.

The delegation, including Dr. Abdul Rauf Sheikh, Zahid Ali Shah, and Dr. Nasir Jamal Pathan, expressed profound grief over this sudden loss. "The passing of Shehzad Jarwar is a shock to us all," the delegation stated. "SANA stands firmly with the family during this incredibly difficult time."



# سنڌي عورت جي معاشي بااختياري تي بين الاقوامي ڪانفرنس






سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سـانا) جي وائس پريزيڊنٽ وومين افيئرز شاهده شيخ جي ميزباني ۾ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ڪئي، جنهن جو موضوع ايڪيهين صدي ۾ سنڌي عورت جي معاشي بااختياري هو .هي اهم تقريب ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ٿي، جتي عورتن ۽ مردن جي وڏي انگ شرڪت ڪري پروگرام کي ڀرپور موٽ ڏني. ڪانفرنس دوران

نامور اسڪالرن ۽ ماهرن پنهنجي خطابن ۾ سنڌي عورتن جي معاشي خودمختياري، تعليم، روزگار ۽ سماجي ترقي جي مختلف پهلوئن تي تفصيلي روشني وڌي مقررن زور ڏنو ته موجوده دور ۾ عورتن کي معاشي طور مضبوط بڻائڻ سماج جي مجموعي ترقي لاءِ نهايت ضروري آهي.

# سنڌي عورت جي معاشي بااختياري تي بين الاقوامي ڪانفرنس




هن ڪانفرنس ۾ سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو، شاهده شيخ، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ، غلام نبي مورائي، شيرين مصطفي، بينظير جوڻيجو، نصير ميمڻ، اقبال ترين، امر سنڌو، زاهد علي شاهه، آسو مائي، وويمن چيمبر آف ڪامرس جي شاهده غلام رسول ۽ ٻين ڪيترين ئي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي، جن پنهنجي قيمتي خيالن ۽ تجزين سان پروگرام کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو. جڏهن ته سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ جو وڊيو پيغام نشر ڪيو ويو. تقريب کي قومي ۽ علائقائي ميڊيا طرفان وسيع ڪوريج ملي، جنهن سبب هن اهم موضوع کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملي. عورتن جي بااختياري تي مرڪوز هي ڪانفرنس 1984 کان پوءِ هڪ اهم، تاريخي ۽ يادگار تقريب طور سامهون آئي، جنهن سنڌي سماج ۾ عورتن جي ڪردار ۽ حيثيت بابت نون بحثن کي جنم ڏنو. آخر ۾، منتظمين اميد ظاهر ڪئي ته اهڙيون ڪوششون مستقبل ۾ به جاري رهنديون، جيئن سنڌي عورتن جي معاشي ۽ سماجي ترقي کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي.



# A vibrant Women's Day program

**By: Nusrat Samoo (Houston)**

The Sindhi Association of North America successfully held its 41st Annual Convention in Houston. Sindhi Women of North America played a prominent and commendable role in organizing the event.They also hosted a vibrant Women's Day program featuring a variety of engaging activities. During the program, a heartfelt tribute was paid to all former Vice Presidents of Women. The audience observed a one-minute silence in remembrance of the late Irshad Abbasi.Several former Vice Presidents were present at the event, including Shireen Qalbani, Surraiya Panhawar, Nazia Junejo, Noor-un-Nisa Ghanghro, Zeb Agha, and Shahida Shaikh. They were honored with gifts and traditional ajraks by the Houston organizing committee. Each of them also shared valuable thoughts on women's empowerment in both the United States and Sindh.A beautiful tableau based on "Shah Jo Risalo's Sat Soormiyoon" was presented by Sindhi women, highlighting the strength and resilience of women in Sindhi culture. This tableau was directed by youth member Ume Farwa (Paras Samoo), with the concept presented by Nusrat Samoo.The program also included fun and interactive activities for women. Neelofar Khamisani presented her project focusing on the empowerment of women in Sindh. adding meaningful insight to the event.









# سانا جا سرواڻ

## پروفيسر الطاف ميمڻ سانا فائونڊر ۽ پهريون جنرل سيڪريٽري

انٽرويو ڪندڙ:
**اسحاق تونيو**

## سانا ادبي سنگت جي سلسليوار پروگرام سانا جا سرواڻ پر گرام ۾ سانا جي ڪهاڻي سائين الطاف ميمڻ صاحب جي زباني



سانا جا سرواڻ جي سلســـــلي ۾ سانا فورم تي ڪجه هفتا اڳ سائين پروفيســـر الطاف ميمڻ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجيون سارو ٽيون ساريون ، هن کان اڳ سانا جي سرواڻ سلســـــلي جو انٽرويو سانا جي پهرين صدر سائين خالد هاشماڻي سان پڻ ڪيو ويو آهي پرگرام جي شــروعات ســانا جي صــدر سائين ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي ۽ ســانا جي جنرل ســيڪريٽري ســائين اسـد علي شيخ جي مختصــر پليڪار سان شروع ٿي, هنن جو چوڻ هو تہ پروفيســر الطاف ميمڻ سان اڄوڪي رهاڻ سانا جي نون ميمبرن لاءِ هڪ مشــعل راهہ هوندي , سانا جي بنياد وجهڻ ۾ سندس خدمتن ڪي جيترو سارا هجي اوترو گهٽ آهن. ميمڻ صاحب پهنجي نندپڻ جا قصـــــ , تعليمي سفر ۽ پروفيشــــنل ڪيرئر سان گڏ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ امريڪا (سانا) جا شروعاتي تنظيمي مرحلاء ۽ جاڪوڙ جا دلچسپ قصہ ٻڌايا. نندپڻ ۽ شروعاتي تعليم پروفيســر ميمڻ صاحب ٻڌايو تہ سندن تعلق هالا نوان سان آهي, پرائمري جي تعليم جي شــروعات ڪراچي کان ڪيائين پر ون يونٽ جي ڪري , ڪراچي ۾ ســنڌي اســڪول بند ڪيا ويا هئا , انڪري هالا نوان ۾ اچي اتي انجم هالائي جي انتظام هيٺ هلندڙ "ملان اسڪول" ۾ پرائمري, هالا جي مخدوم غلام حيدر مدرسہ هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا مان انٽر ۽ بعد ۾ مون اين اي ڊي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڪاليج ڪراچي مان بي اي ســول انجنيئرنگ جي ڊگري حاصــل ڪئي. اعليٰ تعليم لاءِ اســڪالرشــپس تي مون بينڪاڪ ۽ پوءِ آمريڪا جو رخ ڪيو، جتان ٿي وڏيڪ ماســٽرس ۽ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي . ان کان پوءِ مون آمريڪا جي مختلف يونيورسٽين ۽ ادارن ۾ پروفيسر، ڊپارٽمينٽ چيئرمين, فيڪلٽي ڊين, پريزيڊنٽ ۽ ٻين اهم عهدن تي خدمتون ســرانجام ڏنيون. تعليمي سفر دوران سنڌ ۽ ســنڌين لاءِ ڪيل سياســي ســماجي ادبي خدمتن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر الطاف ميمڻ ٻڌايو تہ لکڻ پڙهڻ جو شــوق هالا ۾ هاءِ اســڪول ۽ ڪاليج دواران مخدوم نوح نالي تنظيم ســان لاڳاپيل رهيس جتي لکڻ پڙهڻ تقريري مقابلن جي شروعات ٿي.

جڏهن مان ڪراچي ۾ پڙهندو هئس، تڏهن سنڌي شاگردن جو تعداد تمام گهٽ هوندو هو. ان وقت مقامي سطح تي سنڌين کي اڪثر ڌاريون سمجهيو ويندو هو. ان صورتحال اسان کي منظم ٿيڻ تي مجبور ڪيو. نتيجي ۾ سنڌي اسٽوڊنٽ فيڊريشن ترقي پسند شاگرد تنظيم قائم ڪئي ۽ مون سنڌي مسلم انجنيئرس ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو، جنهن جو مان پهريون جنرل سيڪريٽري هئس.

انهن تنظيمن طرفان سنڌ مدرسي ۽ خالقڏني هال ۾ پروگرام ڪرايا جنهن تي حڪومت ناراض ٿي وئي. بينڪاڪ ۾ پڙهڻ دوران ٻه اتي ايسٽرڪ نالي هڪ اخبار ڪڍي جنهن جو آئون ايڊيٽر پڻ رهيس سانا جي قيام جو پسمنظر ڇا هو شروعات ڪيئن ٿي ان لاءِ هن ٻڌايو ته:

1983ع ۾ جڏهن سنڌ اندر سياسي حالتون انتهائي خراب هيون, جنرل ضياءَ جو مارشل لا، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسي، ۽ ايم آر ڊي تحريڪ دوران ٿيندڙ ظلم, انهن واقعن پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين کي گهڻو متاثر ڪيو. خاص طور تي خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين علائقن ۾ ٿيل ظلمن خلاف سخت بيچيني هئي.

اسان محسوس ڪيو ته آمريڪي ايوانن ۽ عالمي فورمن تائين سنڌ جو آواز پهچائڻ لاءِ هڪ منظم تنظيم جي ضرورت آهي.

هن ٻڌايو ته مون نيويارڪ مان نڪرندڙ هڪ لوڪل اخبار ۾ سنڌي ايسوسيئيشن نالي ڪو اشتهار ڏٺو, جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر فيروز احمد سان فون ڪري ڪيم, جيڪو ان وقت نيويارڪ ۾ رهندو هو.

هن جو چوڻ هو ته اها ڪوڙي خبر ٿي لڳي, مون ڪيس زور پريو ته سنڌين جي اهڙي ڪا تنظيم ناهيون، جنهن لاءِ هو راضي نه ٿيو، جو هو نيشنل ليول تي سياست ڪندو هو, پر مونکي هن ڊاڪٽر جاويد لغاري سان رابطي ڪرڻ جي صلاح ڏني، جيڪو اڳ ۾ سنڌي بلوچ پشتون فرنٽ تي ڪم ڪري رهيو هو.

مون ڊاڪٽر جاويد لغاري سان صلاح مشورو شروع ڪيو. ڊاڪٽر لغاري هڪ سوال نامون لکيو ۽ انتي ڪور ليٽر لڳائي امريڪا ۽ ڪيناڊا ۾ سنڌين کي سروي ڪرڻ لاءِ گڏ جي ميل ڪيوسي ته ڪجهه ماڻهن کان مثبت جواب آيا.

وري ڪجهه نوان ساٿي ست ۾ شامل ٿيا جن ۾ پروفيسر آفتاب قاضي, شنڪر لکواڻي, انور ميمڻ, پروفيسر جاويد لغاري ۽ مون (الطاف ميمڻ) تي مشتمل هڪ ايگزيڪيٽو ڪميٽي ٺاهي ۽ خالد هاشماڻي, پروفيسر گل آغا, ڊاڪٽر اسرار انصاري ڊاڪٽر نرنجڻ دوداڻي ۽ پروفيسر نظير مغل اسان سان صلاح مشوري ۾ شامل رهيا. ان وقت آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ سنڌين جو تعداد تمام گهٽ هو، ان دوران اسان مختلف تنظيمن جا ٻاءِ لاز ڏسي ٽورنٽو ۾ هڪ گڏجاڻي ڪري اتي سانا ڪانسٽيٽوشن کي آخري شڪل ڏني ۾ جنهن ۾ اسانجون گهرواريون ٻه شامل هيون.

بعد ۾ مرحلو قيادت جي چونڊ جو آيو ته سڀني متفق طور خالد هاشماڻي صدر، نظير مغل جنرل سيڪريٽري، نرجڻ دوداڻي وائيس پريزيڊنٽ، صفيہ محمد علي ۽ ڊاڪٽر گل آغا کي چونڊيو، پر نظير مغل جي انڪار تي مونکي وري پهرين سيڪريٽري جنرل جون ذميواريون ڏنيون ويون.

شروعاتي طور تي تنظيم ۾ لڳ ڀڳ **20** ميمبر هئا، جيڪي بعد ۾ وڌي **200** تائين پهتا. جڏهن تنظيمي ڪم شروع ٿيو ته ماڻهون ڊڄندا هئا، مناسب موٽ نہ ملندي هئي، پر پوءِ ڪم ڏسي گهڻا ماڻهون شريڪ ٿيندا ويا، اتساهہ پيدا ٿيو ۽ لڳو تہ ڪو آواز اٿيو آهي ۽ ماڻهن ڳنڍجڻ شروع ڪيو.

ٽماهي "سنگت" رسالي بابت ٻڌائيندي چيو تہ اسان صلاح ڪئي تہ جيئين تہ ميمبرن سان انفرادي ڪانٽيڪٽ ڏکيو ۽ گهڻ ٿو ٿئي، چونہ هڪ نيوز ليٽر ڪيون.

اسان سانا جي پليٽ فارم تان "سنگت" رسالو جاري ڪيو، جيڪو سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ هوندو هو. مان ان جو پهريون ايڊيٽر هئس. ڪجهہ دوستن تجويز ڏني تہ رسالو صرف انگريزي ۾ هجي، پر مون زور ڏنو تہ سنڌي ٻولي لازمي شامل هجي.

مان پاڻ سنڌي جو هٿ اکرن ۾ مواد لکي موڪليندو هئس، جڏهن تہ ٻيا دوست انگريزي مواد ٽائيپ ڪندا هئا. سنگت ڪڍڻ ۽ موڪلڻ ۾ هاشماڻي صاحب وڏي مدد ڪئي ان ڪان سواءِ اهو جاري رکڻ ممڪن نہ هو. اهو ٽماهي رسالو ٽپال ذريعي موڪليو ويندو هو.

مون پرسنل ميل باڪس سانا جي حوالي ڪيو ٻن ٽن سالن تائين ميل ايندي رهي.

پوءِ نون عهديدارن جي ايڊريس ڏني وئي. هڪ پرچو هڪ پيج جو شروع ۾ ڪڍيو.

آءُ انجو ايڊيٽر هئس، آدرش نالي سان لکندو رهيس، سياسي ۽ ڪميونٽي خبرون هاشماڻي ۽ جاويد موڪليندا هئا ادبي مواد مان گڏ ڪيندو هئس، هاشماڻي ڪاپي ڪري ماڻهن کي موڪليندو هو، پنجن سالن تائين ڪيندا رهياسي، جيستائين وري نون عهديدارن، جن جي اڪثريت سنڌي فزيشنس جي هئي، انهن **1990** ۾ سانا سنڀالي.

ان سوال جي جواب ۾ تہ، توهان هي سانا نالي جيڪو گهر جوڙيو ٿا هيو، اصل مالڪ توهان آهيو، اسان تہ ڪرائيدار ٿي اچي ويٺا آهيون پوءِ " ايترا سال ڪهڙي سبب، توهان سانا کان پري رهيا آهيو، **2009**ع کان بعد مون توهانکي ڪٿي نہ ڏٺو آهي نہ ٻڌو آهي"؟

پروفيسر الطاف ميمڻ ٻڌايو تہ، مالڪن کي ڪڍي ڪرائيدارن قبضو ڪري ڇڏيو، ڪن ماڻهن نہ پئي چاهيو تہ مان ڪم ڪيان انهن ڌرين جي مخالفت ۽ رويئي سبب، **1990** ۾ ڪم ڇڏي ڏنو، پر آرگنائيزيشن کان نڪتو نہ آهيان جڏهن مدد گهري وئي آهي تہ مدد ڪئي آهي

اِي سي جي ڪجهه وقت ايڊوائزي بورڊ جو ميمبر به رهيس, ڪافي جهيڙا جهڳڙا به ٿيا ته, هي ڪير ٿيندا پروفيسر جو تنظيم پيا هلائن. سانا تي قبضو سنڌي فزيشنس جو ٿي ويو.

ان سوال تي ته توهان جي نظر ۾ سانا جو موجوده دور ڪيئين آهي ۽ مستقبل جو ڪردار ڇا هئڻ گهرجي, ان لاءِ هنن جو چوڻ هو ته هن وقت ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي ۽ موجوده اي سي پاران جيڪا انٽرنيشنل ڊائيسپورا ڪانفرنس لنڊن ۾ ڪئي پئي وڃي اهو مثبت قدم آهي. ماضي ۾ ڪجهه ڪيس ٿيا ڪانسٽيوٽيشن جون ڀڇڪڙيون به ٿيون پر هينئر سانا بهتر ڪم پئي ڪري.

سانا کي سنڌ جي مسئلن سان گڏ اتر آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي مسئلن کي به برابر اهميت ڏيڻ گهرجي, يعني تقريباً پنجاهه سيڪڙو ڌيان ٻنهي طرفن تي هجي ۽ سانا کي "سنڌيت" جي بنياد تي ڪم ڪرڻ گهرجي. سنڌيت ۾ سنڌي ثقافت، ٻولي، ادب ۽ سجاڳپ سان گڏ سنڌ جي مسئلن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ شامل آهي, اها سياست نه آهي.

ان لاءِ آمريڪي سياستدانن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن سان لاڳاپا مضبوط ڪرڻ انتهائي ضروري آهن. اهو ڪم اڻويهه سو نوي کان چورانوي, پنجانوي تائين ٿيو, ڪجهه ڪانگريس مين ۽ سينيٽر سانا ڪانفرنسز ۾ آيا ان بعد اهو سلسلو بند ٿي ويو. سنڌ جي مسئلن لاءِ اقتدار جي ايوانن سان رابطو ڪڻ سياست نه آهي پر انهن ڪان مسئلن جي حل لاءِ مدد وٺڻ آهي آخر ۾ سانا ميڊيا ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر ناصر جمال پناڻ سانا جي سرواڻ ۽ شريڪ سانا ميمبرن جا ٿورا مڃيا ۽ هي ويبنار پڄاڻي تي پهتو.

جنم: هالا نوان، ٨ مئي ١٩٥١

تعليمي سفر– پرائمري :_ آخوند انجم ملان اسڪول هالا نوان

ميٽرڪ: مخدوم غلام حيدر مدرسه و هاءِ اسڪول هالا

انٽرميڊيٽ: سروري اسلاميه ڪاليج هالا,

انجنيئرنگ بي اي سول, اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪالج ڪراچي

انوائرمينٽ انجنيئرگ, نيڌرلينڊ جي اسڪالرشپ تي ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي، بينڪاڪ، ٿائلئنڊ مان ماسٽر آف انجنيئرنگ،

آمريڪا : پٽسبرگ يونيورسٽي پينسلوينيا مان ماسٽرس آف سائنس سول انجنيئرنگ، ماسٽرس آف پبلڪ ورڪس انجنيئرنگ ۽ پي ايڇ ڊي انجنيرنگ .

ان ڪان سواءِ انوائرمينٽ مينيجمينٽ ۽ بزنيس مينيجمينٽ جا ٽريننگ ڪورسز به ڪيا

**پروفيشنل ڪيريئر :**

سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ليڪچرر ۽ چيئرمين سول ،
پينسلوينيا جي ڊپارٽمينٽ آف اينوائرمينٽ ريسورس مينيجمينٽ ۾ چيف انجنيئر واٽر مينيجمينٽ ,
ايئر مينيجمينٽ ۽ ويسٽ مينيجمينٽ
ڪجهہ پرائيويٽ نوڪريو بہ ڪيون
ميريلينڊ يونيورسٽي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين آف انوائرمينٽ اينڊ بزنيس مينيجمينٽ
ايڪسليشر يونيورسٽي - البني، نيويارڪ ۾ ڊين آف بزنيس اينڊ ٽيڪنالوجي
واشنگٽن يونيورسٽي جي هڪ گلوبل ڪيمپس ۾ ڊين ۽ ڪجهہ وقت پريزيڊنٽ بہ رهيس
ان بعد پهنجو ذاتي بزنيس بہ ڪيو.

**ڪٽنب :**

مهنجو ڏاڏو اڏاوتي ڏنڊي ۾ ٺيڪيدار هوندو هو ۽ مهنجو والد سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ جاب ڪيو. آخر ۾
ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد تي رٽائير ٿيو ۽ هالا ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين بہ رهيو
اسان ست پائر ۽ هڪ ڀيڻ , مهنجو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر نظير احمد ميمڻ ايم بي بي ايس , ڊي ايم سي مان ڪئي
منهنجي شادي حيدرآباد جي هڪ بلوچ خاندان مان ٿي. ٻہ پٽ آهن جيڪي آءِ ٽي ۾ ڪم ڪندا آهن.

**ادبي ، ثقافتي ۽ سماجي خدمتون :**

هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج دوران بزم نوح نالي تنظيم سان واسطو رهيو جتي تقريري مقابلا لکڻ پڙهڻ اتا
شروع ڪيو , سروري اسلاميہ ڪاليج ۾ ڊبيٽنگ سيڪريٽر چونڊيس.
اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌي مسلم انجنيئرس ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري
رهيس ۽ پروگريسو اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن قائم ڪندڙن ۾ شامل هيس. ڪراچيءَ ۾
سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو بنياد وجهندڙ پڻ رهيس .
سنڌ مدرسہ ۽ خالقڏني هال ۾ سنڌي ڪانفرنسون ڪرائڻ جي ڪري تڪليفون پڻ سٺيم.
ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي ، بئنڪاڪ ۾ ائسٽيڪ جي نالي اخبار ڪڍي انجو ايڊيٽر رهيا
سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ امريڪا (سانا) جو بنياد وجهندڙ پهريون جنرل سيڪريٽري
سانا جي ٽماهي سنگت شروع ڪئي ان جو پهرين پنجن سالن تائين ايڊيٽر

**ويبنار ۾ موجود سانا ميمبرن جا رايا :**

**خالد هاشماڻي:** الطاف ميمڻ صاحب سان ساٺ اچ تائين قائم دائم آهي . سنڌين جي آرگنائيزيشـــنس خاص طور سانا ۽ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جي پويان جيڪا محنتن, محبت, فلاسافي ۽ ڪانسيپٽ آهن اهو پروفيسـر الطاف ميمڻ صاحب جو آهي. پاڻ سنڌي قومپرستي کان مٿانهون سنڌيت لاءِ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي . ٽن سالن تائين ٽماهي سنگت جا پرچہ پنهجي هٿن سان لکندو رهيو جيستائين سنڌي ڪيبورڊ مارڪيٽ ۾ آيو. گذريل ڪيترن سالن کان سنڌ جي مسئلن تي هفتي وار سنڌي شام جون واشنگٽن ڊي سي ۾ ڪچهريون قائم رکڻ ۾ سنڌدن همٿائيندڙ ڪردار پڻ رهيو آهي. سنڌ , هند ۽ ٻين ملڪن مان ايندڙ سنڌي سان گڏيل ڪچهريون ڪرڻ ۽ پٽ شاه جي فقيرن کي گهرائي شـاهـ جي سـُرن سـرن کي ريڪارڊ ڪرڻ جهڙو تاريخي ڪم بہ هنن جي ڪاتي ۾ اچي ٿو.

**ناصر جمال پناڻ:** سائين الطاف جن سنگت جا پهريان بنيادي ايڊيٽر هئا ۽ آءُ هن وقت موجوده ايڊيٽر آهيان. جنهن نموني هنن ٽماهي ســــنگت هلائي پاڻ بہ ايئن ئي هر ٽن مهينن ۾ پرچو پهنجي ٽائيم تي ڪڍون ٿا ۽ سنگت سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ ڇپجي ٿي .

**مشـــتاق راڄپر:** توهان جهڙا پڙهيل لکيل فرد ۽ توهانجي جدوجهد سنڌ جي تاريخ ۽ ان دور جي سماج جي تاريخ جو آئينو آهي. اسـانکي انتظار رهندو تہ توهان پنهنجا ٽئي ڪتاب پهنجي آتم ڪهاڻي , سـنڌ جي پاڻي جو ڪيس ۽ صوفي ازم جلد کان جلد لکي مڪمل ڪندا

SINDHI ASSOCIATION OF NORTH AMERICA

**Annual General Body MEETING NOTICE**

Sunday, July 5th 2026
Time: 05:00 to 08:00 PM


Dear SANA Members,We are pleased to inform you that the General Body Meeting will take place on July 5th(Sunday), 2026, from 5:00 PM to 8:00 PM (Time may adjusted later) at the Delta Hotels Toronto Airport & Conference Centre, Toronto, Canada, during the 42nd Annual Convention of the Sindhi Association of North America (SANA).In accordance with our bylaws, only active members who have paid their dues will be eligible to participate in the meeting. Please note the following key guidelines from the bylaws concerning the AGM:

1. Any issues, excluding bylaw amendments, that are submitted for a vote at the General Body must achieve a quorum of at least 33% of the voting-eligible members, including proxies.
2. Members who cannot attend the General Body meeting may appoint another member to vote on their behalf. Both the member granting the proxy and the member receiving it must be eligible voting members and complete all the requirements as per bylaws.
3. Resolutions and decisions made by the General Body will be determined by a simple majority vote from the members present (in-person) and will be binding on all members and the Executive Council.

We look forward to your active participation.

**Asad Shaikh**
General Secretary
Sindhi Association of North America (SANA)

www.sanaonline.org





**Pictures from 1st General Body Meeting of SANA in Washington, DC. August 1985.**

THE VOICE OF SINDHI DIASPORA OF NORTH AMERICA
Sangat سنگت SANA
"Sangat Newsletter"
January - March 2026
"SANGAT"
SANA

# Administrative Solution for Karachi
## (The proposed Five City-Model)



Sarmad Memon

Below is a detailed exploration of the proposal to reorganize Karachi from its current administrative structure into five city administrations, each with its own mayor. The aim is to address governance, service delivery, and urban planning challenges arising from rapid population growth and geographic complexity.

### 1) Context and Motivation

**Karachi's current structure includes multiple administrative layers:**

At this time mayoral system governing a large metropolitan area.

Seven districts and numerous subdivisions, with ongoing population growth and urban sprawl.

Challenges commonly cited in megacities with single-mayor governance include:

Fragmented service delivery and uneven development.

Delays in decision-making for disparate neighborhoods with distinct needs.

Strain on infrastructure, water, sanitation, transport, and public safety including fire incidents.

Difficulties coordinating multiple agencies across a sprawling urban footprint.

The proposed reform seeks to:

Improve local accountability by devolving authority to smaller, more manageable city administrations.

investments to the unique needs of distinct geographic zones will accelerate planning, project execution, and service delivery.

### 2) The Proposed Five-City Model


The proposal suggests partitioning Karachi into five city administrations, each with its own mayor and administration. The suggested composition includes:





**2.1 )Malir City or Gaddap City**
**Candidate areas:**
**Malir, Gaddap, Hadeed**

Rationale: These locations share geographic adjacency and similar socio-economic profiles. Local governance could focus on issues such as suburban infrastructure, road networks, water supply, and immediate public services.

**2.2) Old Karachi**
**Candidate areas:**
**Karachi South, Lyari, Korangi, Saddar**
**Rationale:**
This zone encompasses the historic core and high-density urban neighborhoods with unique heritage, port-related activity, and dense commercial corridors. Governance could prioritize heritage preservation, dense urban planning, flood risk mitigation, and urban mobility.






**2.3) New Karachi**
**Candidate areas:East and Central area**
**Rationale:** Aimed at newer or rapidly developing districts within the central axis, focusing on middle -density to high-density neighborhoods, housing developments, and infrastructure modernization.

**2.4) Orangi City**
**Candidate areas: Orangi Town, Metroville, Karachi Industrial Trade Area, Manghopir, maymar, chakro**
**Rationale:**
This division includes large-scale residential areas adjacent to substantial industrial and trade zones. Governance could emphasize affordable housing, flood protection in low-lying zones, industrial zoning, and integrated transport solutions.



**2.5) Keamari City**
**Candidate areas: Keamari (harbor/port-adjacent areas and surrounding neighborhoods)**
**Rationale:** The port and industrial coastline require specialized governance for maritime logistics, port operations, waterfront development, and disaster risk management.




Note: The exact delineation of boundaries would require a detailed geographic, demographic, and legal study, with stakeholder input and alignment with federal/Cantonement and provincial frameworks.

**3) Potential Benefits of the Five-City Model**
Localized Governance: Mayors focused on a smaller, coherent urban fabric could respond more quickly to local concerns.

**Targeted Service Delivery:**
Each city can tailor water, sanitation, power, waste management, and transport plans to its residents.
Strategic Planning Alignment: City-level visions can be harmonized with regional (provincial) and national development priorities.

**Enhanced Accountability:**
Citizens can more easily engage with city leadership on neighborhood issues.
Budgetary Focus: City budgets can reflect the specific fiscal needs and revenue potential of each district group.

**4) Potential Challenges and Considerations**
**Legal and Constitutional Framework:**

Reorganization would require changes to provincial statutes, municipal laws, and potentially constitutional or provincial governance frameworks.

Clear delineation of powers between the five city authorities and the provincial government is essential to avoid overlaps or gaps.

**Revenue and Finance:**
Each city must have a sustainable revenue base (taxes, fees, state transfers, grants) and predictable funding for capital projects. Inter-city financial arrangements may be needed for shared services and cross-boundary infrastructure.
**Infrastructure and Service Continuity:**
Water supply, electricity, sewerage, and transportation networks cross city boundaries; coordinated management is critical. Emergency services, disaster management, and public health systems must remain integrated to ensure resilience.
5) Proposed Implementation Pathway (High-Level)

**Administrative Capacity:**

Establishing five capable city administrations requires skilled staffing, good governance practices, anti-corruption measures, and robust data systems.

**Public Acceptance and Stakeholder Buy-in:**

Residents, businesses, civil society, and government employees will need outreach and participatory planning to ensure legitimacy.

**Transitional Pathway:**

A phased approach is advisable, including pilot programs, clear timelines, and milestones.

Transitional legal instruments, asset transfers, and staff reallocation plans must be defined.

**5) Proposed Implementation Pathway (High-Level)**

**Feasibility Assessment**

Conduct a comprehensive study covering governance, legal, financial, and operational implications.

Map geographic boundaries, population metrics, and service coverage.

**Public Consultation**

Engage residents, businesses, unions, and civil society to gather input and address concerns.

**Legislative Framework**

Draft and pass local government reforms, including the establishment of five city authorities with mayoral offices.

Define powers, revenue sources, and inter-city coordination mechanisms.

**Administrative Design**

Create city charters, administrative structures, departments, and performance metrics.

Develop shared services agreements for utilities, transport, and emergency services.

**Fiscal Planning**

Design revenue strategies, budgeting processes, and intergovernmental transfer mechanisms.

**Infrastructure and IT Systems**

Implement a unified geographic information system (GIS), citizen service portals, and data sharing protocols.

**Monitoring and Evaluation**

Establish KPIs for service delivery, financial health, and citizen satisfaction; adjust policies as needed.

**6) Governance Design Considerations**

**Mayor Roles and Responsibilities:**

Strategic planning, budget oversight, and executive leadership for city-level departments.

Representation of the city in provincial and federal forums.

Elected councillors to provide legislative oversight, committee governance, and community representation.

**Inter-City Coordination Body:**

A supra-city authority or federation mechanism to manage shared services (e.g., major transit corridors, regional drainage, port-related logistics).

**Checks and Balances:**

Transparent procurement, anti-corruption measures, independent audit processes, and citizen oversight.

**Public Services Integration:**

Coordinated water, sewerage, waste management, energy distribution, health services, and education planning across city lines where feasible.

**7) Risk Mitigation and Safeguards**

Boundary Sensitivity: Ensure boundaries reflect genuine economic and social ties to minimize cross-border friction.

**Fiscal Imbalance:** Guard against disparities in revenues by establishing equitable transfer mechanisms.
**Operational Silos:** Avoid duplication by sharing services and establishing interoperable systems.
**Citizen Engagement:** Maintain open channels for feedback to avoid disenfranchisement in transition.

**8) Alternatives and Compromises**


If a full five-city split is considered too ambitious or legally complex, alternative models include:

Creating two or three semi-autonomous metropolitan zones with elected mayors.
Strengthening district-level autonomy while preserving a citywide coordinating body.
Establishing a regional urban planning authority to harmonize cross-district projects.

**9) Conclusion**

Dividing Karachi into five city administrations with dedicated mayors presents a bold approach to tackling governance, service delivery, and urban planning challenges associated with rapid urbanization. While the potential benefits include improved responsiveness and localized policy-making, the reform demands careful legal design, financial planning, and phased implementation to ensure continuity, equity, and sustainable development.

**Note: The proposed Five City model Plan can be established as per Article 140-A (18th amendment 2010 and The Sindh Local government Act 2013 NO.PAS/Legis-B-04/2013- Capter III clause 17.**



# سنڌي ٻولي سان پيار ڪندڙ، دوستن لاءِ ....!

تحرير:
الطاف احمد صديقي

اسان جنهن سنڌي لپي ( الف .ب) ۾ لکون ٿا ان متعلق هي آرٽيڪل آهي ۽ آخر ۾ سنڌ ۾ پهريان سنڌي انگريزي اسڪول ڪهڙن شهرن ۾ کليا . جڏهن انگريز راڄ قائم ٿيو ته هنن کي سرڪاري ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ پڙهيل لکيل ماڻهن جي ضرورت محسوس ٿي جيڪي سرڪاري انگريز عملدار هئا انهن مان چند عملدارن کي سنڌي ٻولي سمجهه ۾ ايندي هئي باقي عملدار مترجم جي معرفت ڪم هلائيندا هئا، ميرن جي آخري وقت تائين هتي سنڌ ۾ سرڪاري ٻولي فارسي هئي، جنهن کي ٻه گهٽ ماڻهون ڄاڻندا هيا، هتي جا شاگرد مڪتبن ۽ مدرسن ۾ فارسي عربي ۽ سنڌي ۾ ابوالحسن واري سنڌي پڙهندا هئا. `ابوالحسن ٺٽوي ڪلهوڙا دور جو هڪ عالم هو هن هڪ ڪتاب مقدمة الصلواة سنڌي ۾ تحرير ڪيو هو جنهن ۾ هن عربي خط استعمال ڪيو ۽ پوءِ ابوالحسن جي ڏنل خط کي ٻين عالمن اختيار ڪيو` (حوالو سنڌي ادب ارتقا صفحو 45 ليکڪ عبدالڪريم لغاري) اجوڪي حساب سان اها الف بي اڻپوري هئي، جئين ته فارسي زبان ميرن جي صاحبيءَ ۾ دفتري لکت لاءِ استعمال ٿيندي رهي، ته انگريزن ٻه 1851ع تائين فارسي کي دفتري استعمال هيٺ رکيو، جنهن ڪري انگريزن کي سرڪاري لک پڙهه ۾ دشواريون ۽ مونجهارو اچڻ لڳا، ته انگريزن اهيو چاهيو ته مرڳوئي انگريزي زبان کي دفتري زبان طور رائج ڪجي، مگر اهو ٻه جلد ممڪن نه هو، اجان اهي ويچار هلي رهيا هئا ته،

1851 ع ۾ سر بارٽل فريئر هڪ فرمان جاري ڪيو ته سپ سرڪاري عملدار جيڪي غير سنڌي آهن انهن کي لازمي آهي ته سنڌي امتحان پاس ڪن. ان وقت تائين سنڌي مختلف خطن ۾ لکي پئي ويئي مسلمان عربي رسم الخط ۾ لکندا هيا ته هندو ديوناگري ۾ لکندا هئا، جيڪا ارڌ ناگري تان ورتل هئي، ڪيپٽن اسٽئڪ ٻه سنڌي ٻولي ڄاڻيندو هيو سندس رايو هيو ته هتڪي لکڻ ۾ ڪجهه ڦير ڦار ڪري ان کي رائج ڪجي جڏهن ته، سر رچرڊ برٽن ان ڳاله جو حامي هيو ته عربي اکرن جو استعمال ٿئي ٿو ان ۾ ضروري ڦير ڦار ڪري پيهر الف بي جوڙ جي، مگر ڪجه هندو حلقن ۽ انگريزن ان ڳاله تي زور آندو ته ديوناگري کي استعمال ۾ اچڻ گهرجي، سر بارٽل فيئر ٻه فيصلي ڏيڻ ۾ منجهي پيو، ته جي عربي واري الف بي کي رائج ٿو ڪري ته هندو ٿا ناراض ٿين جي ديوناگري ٿا استعمال ڪيون ته مسلمان ناراض ٿا ٿين، بحر حال 1853ع ۾ ايسٽ نديا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ آخري فيصلو ڏنو ته عربي رسم الخط کي جاري رکي تعليمي سرشتو شروع ڪيو وڃي، تعليمي ترقي لاءِ ڏهه هزار روپيه گرانٽ منظور ڪئي ويئي، ڪورٽ جي حڪم تحت سر بارٽل فيئر ۽ سر بيرو ايلس جي صدارت هيٺ اٺن عالمن جي هڪ ڪاميٽي جوڙي ويئي جنهن جا ميمبر ڪجهه هن ريت هئا.



1 خانبهادر مرزا صادق بيگ علي حيدرآبادي
2 ديوان پرڀداس آنند رام رامچنداڻي حيدرآباد
3 ديوان اُڌارام ٿانور داس مير چنداڻي حيدرآبادي
4 ميان محمد، پوءِ نارمل اسڪول جو استاد ٿيو
5 قاضي غلام علي
6 راءِ بهادر نارائڻ جڳن ناٿ
7 ديوان ننديرام سيوهاڻي
8 ميان غلامحسين ٺٽوي

بل آخر هنن صـــــاحبن جي محنت جا ڪوڙ ۾ مختلف پهلوئن ڪي جاچيندي، جولاءِ 1853ع ۾ موجود 52 اکرن واري ســــنڌي الف بي، پيش ڪئي جنهن ڪي رائج ڪيو ويو اهيا الف بي اڄ ڏينهن تائين رائج آهي ان ۾ 29 اکر عربي جا ۽ 3 اکر فارسي جا به آهن.

جولاءِ 1853ع ۾ موجود 52 اکرن واري ســنڌي الف بي، پيش ڪئي جنهن ڪي رائج ڪيو ويو اهيا الف بي اڄ ڏينهن تائين رائج آهي ان ۾ 29 اکر عربي جا ۽ 3 اکر فارسي جا به آهن .

ساڳئي سال درسي ڪتابن جوا جرا ڪيو ويو، سرڪار کي تعليم لاءِ خصـــــوصي توجه ڏيڻي هئي ته جئين گهڻا شاگرد پڙهي سرڪاري ملازمتن ۾ اچي ،سرڪاري ڪارونهوار هٿ ونڊائي. جائزو وٺبو ته خبر پوندي ته اسڪول 1853ع واري سال کان کلڻ شروع ٿيا ، سر بارٽل فيئر. جيڪو سنڌ جو ڪمشـــــــنر 1851ع کان 1856ع تائين رهيو ان پرائيمري تعليم تي گهڻو زور ڏنو.``

هن صاحب جي دور ۾ پهريون انگريزي اسڪول ڪراچي ۾ ميجر هينري پريڊي کوليو جيڪو بعد ۾ ڪراچي جو ڪليڪٽر به ٿيو( انجي نالي سان جو هڪ روڊ پريڊي اسٽريٽ جي نالي سان آهي) ، انگريزن جي ٻارن جي تعليم لاءِ ڪراچي ۾ 1853ع ۾ ڪراچي ۾ کوليو ويو، جيڪو بعد ۾ عيســـــائي مشــنري وارن جي حوالي ڪيو ويو، ٻيو سرڪاري اسڪول ڪراچي ۾ ساڳئي سال کوليو ويو جنهن کي بعد ۾ تعليم کاتي جي سنڌي آفيســـر نارائڻ جڳن ناٿ وڏيا NJV جي نالي سان سندس وفات کان پوءِ منسـوب ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ پهريون سرڪاري اسڪول 1858ع ۾ کوليو ويو، جنهن کي بعد ۾ مسـلم ايجوڪيشنل سوسائيٽي کي ڏنو ويو ۽ بعد نورمحمد وڪيل جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. شڪارپور ۾ پرائيمري اسڪول 1853ع ۽ هاءِ اسڪول 1873ع ۾ کليو.

1855ع نوشهري فيروز ۾ سنڌي فارسي مڪتب کوليو ويو، 1858ع ۾ سکر ۾ ميونسپل ڪميٽي پاران اسڪول کوليو ويو، 1876ع ۾ لاڙڪاڻي ميونسپل ڪميٽي پاران اسڪول کوليو ويو، 1886ع ۾ ٺٽي شهر ۾ اسڪول کليو، 19 صدي جي آخر تائين سنڌ جي ٻين گهڻن شهرن ۾ اسڪول کليا جن ۾ سيوهڻ ،ميهڙ،قمبر، رتوديرو، نوشهروفيروز، ميرپورخاص ۽ پٿورو ۾ به کليا هئا. محمدن ايسوسيشن پاران حسن علي آفندي جي سربراهي ۾ سنڌ مدرسو ڪراچي ۾ 1885ع ۾ ڪراچي ۾ کليو.

حيدرآباد ۾ سرڪاري اسڪول کلڻ کان پوءِ عيسائي مشنري 1862ع ۾ چوڪرن لاءِ سينٽ بونا وينچر اسڪول کوليو بعد ۾ چوڪرين لاءِ سينٽ ميري اسڪول کوليو، 1888ع ۾ يونين اڪيڊمي (هيرانند اڪيڊمي) (نولراءِ) اسڪول کوليو، نيوو ڏيالا اسڪول 1897ع (ماڊل اسڪول) کوليو ويو، 1893ع مردن لاءِ نارمل اسڪول (استادن جو ٽريننگ ڪاليج)، 1891ع ۾ عورت استادن جي تعليمي سکيا لاءِ ٽريننگ ڪاليج کوليو ويو (حوالو **Education in Sindh Past & Present.by Habibullah Siddiqui page157)**

20 صدي جي آخر تائين حيدرآباد شهر ۾ انجنيئرنگ اسڪول، ميڊيڪل اسڪول ۽ ٽپيداري اسڪول کلي چڪا هئا جن جي تفصيل هيٺ ڏنل آهي. چوڻ جو مقصد اهيو آهي ته برطانوي دور ۾ حيدرآباد شهر هڪ تعليمي شهر بنجي چڪو هيو حالانڪ حيدرآباد جي مرڪزي حيثيت ڪراچي ڏانهن منتقل ٿئي چڪي هئي مگر حيدرآباد جو اهميت ۽ سونهن ۾ ڪا ڪمي نه پرواڏارو آيو.

# شاعري

## ◆ ڊاڪٽر ناصر جمال ناصر

ڪاري
ڪاري...
هن لفظ ۾ ڪيترو ظلم لڪل آهي،
ڪيتريون نياڻيون
بي ڏوهي سزا ڀڄن ٿيون.
”امان، مان ڪاري ناهيان“
هن جي آواز ۾ ڏک هو،
نہ بغاوت،
نہ ڪو ڏوهہ—
رڳو جيئڻ جي خواهش
هر ڪجھ هفتن ۾
هڪ نئون نالو مٽي ۾ لڪي وڃي ٿو،
۽ قاتل
غيرت جي نالي تي
فخر سان ڪنڌ اوچو ڪري ٿو
پر ڇا غيرت
زندگي ڪسيندي آهي؟
ڇا عزت
رت سان لکي ويندي آهي؟
هنن وٽ بہ حق هو—
ساهہ کڻڻ جو،
پنهنجو رستو چونڊڻ جو،
پنهنجي آواز سان چوڻ جو:
”هيءَ منهنجي زندگي آهي“
پر انهن جا لفظ
گوليون ٻڌجي موٽيا،
۽ خاموشي
انهن جي قبرن جو نصيب ٿي وئي
امان...
تون ئي ٻڌاءِ،
ڇا ڌيءَ جو خواب ڏوهہ آهي؟
ڇا هن جو کلڻ
ڪنهن جي عزت گهٽائي ٿو؟
ڪاري نہ،
هوءَ زندگي هئي،
هوءَ روشني هئي،
هوءَ هڪ آواز هئي—
جنهن کي
خاموش ڪيو ويو

◈

## ◆ وهاب مهر ”ناصر“

چاچن مامن سوٽن ڳڏجي هرٽي ڪا ڪله ماري آ
ڪار منهان پيا ڪوڙ هٽن هو ڪاري آهو ڪاري آ

ٽا مڙس سڏائين محفل ۾ ۽ شهپر ڪي هٽ لائين ٽا
جاهل ماڻهو اڻ سڌريل تن ذهنن ۾ بيماري آ

ڳڏجي جن سان ٻچپن گزريو ساڻ سهيلي سا بہ نہ بيٺي
هڪڙي پاسي سئو سوئر تہ بہ هو تنها تن تي ڀاري آ

جيجل پار ڪڍي ٻاڏايو ڪنهن کي ترس ذرو بہ نہ آيو
ڀائر جن کي هنج ڪنيو هئس تن جي سازش ساري آ

پٽ ڪري جي حرڪت ڪائي ساک ڪٽين ٿو بيڏوهي آ
بيڏوهي ٿو نياڻي مارين ڇو جو هو هڪ ناري آ

جاهل ريتون رسمون ٽوڙي عورت کي آزاد ڪرايو
ناصر کي هر نياڻي پنهنجي ڌيُ جيان ئي پياري آ

◈

THE VOICE OF SINDHI DIASPORA OF NORTH AMERICA
Sangat سنگت

"Sangat Newsletter"
January - March 2026

# "SANGAT"




# پرڏيهي سنڌي عالمي ڪانفرنس